شيلا لهي سنهري پنهنجي ٻرانڊي روم جو جائزو وٺي رهي هئي. ٻه سهڻيون گڏي هڪ ٻئي ڊبل بيڊ جي چادر وڇائي وئي هئي. شو ڪيس مٿان ٻکهي گلدستي ۾ رنگين گلدا جي گلن کي سنواري، شيلا ڪئلينڊر جي تاريخ بدلائي ته در جي گهنٽي وڳي. هن در کوليو ته مٿري دادي ساڙهيءَ کي مٿي ڪٽندي ڌوڪيندي اچي سهڻين مٿان ٻار پکيڙي ويٺي، "موڪهڙس ڌکو ڪاني آيس، ڏس ته ڪوڏي ٿي ڪيڏيون

---

# چنري

---

رهڙون پيئون آهن."

"دادي اڄ مسز ميرپوريءَ جي موٽر ۾ ڪين آيا ڇا؟"

داديءَ همٿ سان ڇڙا ڪنهنکي پري ڪندي چيو "باهه ڏيس ميرپوري کي ۽ سندس موٽر کي. ڇڏ انهيءَ رولوءَ جي ڳالهه، ڏهه در پسندي، هنڪي ڪٽيندي، هنڪي هنڪي ڪٽيندي لڏهن مس هتي اپندي..."

شيلا چيو، "دادي پهو، مان ٿڌو ڪٽي ٿي اچي لڳا ڀاڄو...."

دادي ءَ کي چڙ وڇونءَ ڏنگيو. چيائين، ”ننڍڙو ٻچڙو مڇڙهان مان ڪالهه جاڳان، سيمنٽ ذري ڪٽي اچ ٻـا ڪولڊ ڪريم ني ڪٽي لڳائيندم.“

شيلا ور مان چالديءَ جو ڪنڊن جو چڱو ڪيڏي ٻٽي ڪمري ڏانهن وچڙ لڳي. دادي ءَ چيو ”سڀ شيءِ رکيل ٽالي اندر. ٻلا لوڪرن سان ڪٽي گهر پهتو انڀيءَ...“

شيلا سيمنٽ جو ڦوهارو اچي دادي ءَ جي زخمن تي هڻيو. پهرين تہ دادي ءَ ”آئي آئي“ ڪئي پر پوءِ چيائين ”واهہ، ڦٽ ٺري پيم.“ شيشي وٺي سنگهي چيائين ”شيلو شيءِ سٺي ڪيڏي آئين ءَ...“ شيلا چيو، ”دادي، توهان جي ڪم آئي تہ مونکي وڌيڪ سٺي لڳي.“

دادي ءَ پيار سان شيلا جي مٿي تي ڏڪ هڻي چيو، ”منهنجي الهيءَ مسڪي تہ موهيو اٿم تہ. باقي مان ڪو هتي راند لاءِ يا ڪٽيءَ لاءِ ٿوروئي جيڪر اچان. ٺهر ڏهڙ ڦـن رسن ولائتين ۾، سو توکي ڏسي پيو اندر ٺرام. ٻگوان اچا شل وڌ ڪندءِ.“ هن لائيٽر ۽ ٻيڙي ڪيڏي.

شيلا چيو ”دادي توهان جهڙيون اڃوڻ شيون مون وٽ ڪٿي آهن، آخر اسين تہ آهيون ديسي توهين آهيو ولائتي ماڻهو. ڏسو نہ توهان جي هرهڪ چيز ساڙهيءَ کان وٺدي چمپل ٽائين چا تہ ٺاپ لڳي پيئي آهي. لائيٽر بہ چا تہ اي-ون ڪنيو اٿو. باقي سگريٽ

ٻڌران ٻيڙي ڇوڻا ڇڪيو اهـا ڳالهه مونکي سمجهه ۾
ڪانه ٿي اچي."

دادي کلي چيو، "اڙي منهنجي ديسي ڀوري! لوڪي ڇا ٻڌايان. هن ديسي ٻيڙيءَ جهڙو مزو آمريڪا جي سگريٽ ۾ به ڪونه ملندو."

شيلا چيو، "ڪڏهن مکو اتو اهو لائيٽر."

"ڏيرومت مکو اتم،" دادي جڻ الهيج جواب لاءِ اڳيئي تيار ويٺي هئي. "ڏيرون مٺن کي سوجهون ڪرائي ڪرائي وڏو ڪيم سي اٿرو به ڪين گهرندا مونکي!"

شيلا ٿورو ڪجهانڻ لاءِ چيو، "دادي ته ٻه پست، پت آهن، انين ته؟"

"انين ته ڇنبج شيلا،" دادي ڪڏهن خواب کي اکين ۾ آڻي چيو، "سينگاپور ۾ ڏيرومت مونکي گهرايو ته، چار مهنا رهيس. پر جي سک ڏنائين" روز رات جو وسڪيءَ جو گلاس ڀري ڏيندو هوم. سندس جوءِ ڀـ ڏايي ٻيهان ڪٿي منهنجي، اصل پير پت لـي ڪانه رکڻ ڏيندي هئم، مونز به پاڻ هلائيندي هئي."

شيلا کلي چيو، "ڇمڇڙي کي خبر هئي ته لوهين ته ته ڪندس سڄيءَ سينگاپور ۾ خوار."

دادي ڏاڍي صداقت سان چيو، "نه نه شيلا! ويچاري هڏ گهري هئي، جهڙي ٿون. مان ته برابر واست قانوڙو دهل آهيان. آلان ڪانه ٿي. پر چڱي مٺي جي

سچائپ سمجهي اٿم."

شيلا واڇ ڏيندي چيو، "اڇا ته هنن جو پتو ڪونهي، ڪيڏي مهل اينديون، ڪيڏي مهل راند شروع ڪنديون!"

دادي آهستي آهستي ڪري اٿي بيٺي، ٽنگ سڌيون ڪري ڪمري ۾ رکيل آرام ڪرسيءَ تائين پنڌ ڪري ڏنائين. آرام ڪرسيءَ تي ويهي لائيٽر سان ٻيڙي دکائي ڇڪڻ لڳي. لائيٽر اڃا ٻرڻ تي هئي جو سامهون ڏٺائين رلدا در جا ٻئي ڦاٽڪ کولي ڪڙڪي اچي پهچڻ لڳي،

"دادي! ڇٽري آئي؟"

داديءَ لائيٽر وسائي چيو، "ڦهه... ڇٽري هاڻي ايندي هئي؟"

رلدا وڃي ڪوچ تي ويٺل شيلا اڳيان ڦان تي ويٺي. ڏاڍي انتظاريءَ سان چيائين، "ڀلا تون ئي ٻڌاءِ ڇا ٿيو ڇٽريءَ جو؟ مان سور کهت ڪري مڙس سان پرولي ته هلي ويس، پر چار ئي ڏينهن موڪلي پيسن جي ڇڏنا لعب تي ڪان، ڪرڻ ڏلي."

شيلا پرسن مک سان ذرا مرڪي رلدا طرف ڏسڻ لڳي. رلدا جي ڳچيءَ ۾ لڙڪندڙ هار جا هيرا پئي چمڪيا. ڏائي هٿ ۾ هڪ ٿي آگر ۾ ٿي هيرن جون منڊيون ڪٽي پاتيون هئائين. ساڙهي به اي-ون هئس. ساڄيءَ ٻانهن ۾ نوان چمڪندڙ سنهرا سونا چوڙا پئي هيٺ مٿي ٿيس. رلدا بي صبريءَ سان چيو، "موڪلي ڇا ويٺي

ڏسين. ڪا ٽين نه ڪاڻ آهيان."

شيلا اڃا به سندس ڇڪيندڙ منهن، روڄ ۽ لپسٽڪ جي فيشنداني کي ڏسي رهي هئي...

جواب ڏنو داديءَ، ڇي: ٻين جي چنتا مڙهڻ لوڪي اڄ لڳي. ٻارنيءَ ۾ ڏٺو نه سهڻي ڇتريءَ ڪنهن کي نه ڇڏيو هو. هڪ هڪ ڪان هزار به وٺي تي وئي آهي.

رلدا اٿي اچي داديءَ جي اڳيان هيٺ غلم لــي واهي رهي. هٿ مهٽيندي چيائين، "پر دادي ٻئا منهنجي گهوٽ مونکي رکڻ لاءِ ڏنا هئا. چيو هئائين ٻئڪ ۾ به لــه وجهج، ڪيڏي مهل به مونکي اوچتو کپندا. دادي توهانکي نه خبر آهي منهنجو گهوٽ غصي جو ڪهڙو تيز آهي...."

شيلا ڪوچ تي ويٺي ٽي جواب ڏنو، "رلدا تو ٻــ ڏيکاري ملڪ. ٻلا ايڏا ٻئا ڪڏي ڇو ڏنئس." رلدا اماٽيون اکيون کٽي چيو، "ڇتريءَ چيو ماءُ کي اسپتال مان گهر وٺي اچڻو آهي. سپاٽي ٻئڪ کلندئي توکي ٻئا واپس ڪري ويندس."

شيلا چيو، "اهو گهو نه سڄي کي هڏيو اٿس. تنهن ڏينهن ڪاڻ ٻــڌءِ نه ماٽس کي مسز ميربوريءَ ڏنو مارڪيٽ ۾ ويٺي فــروٽ جو ٽوڪرو ٻڌايائين. ڇي: آڏن کي وريءَ ۾ ڪاراني تي اڇان."

"نرڳو ملڪ!" داديءَ پنهنجي ڀاڙيءَ ڏي ڏسي هڻيو،
"سڄڻ جي سار ڪو لهي ڪا نه، ملڪ سڄو ٿي پيو
آهي غريب آباد. هاڻي ڇتريءَ جي ماءُ ڪي الڏن جي
جي اون لڳي آهي."

رتنا ٻه ساڳئي نموني ٻڙاريءَ ڏي ڏک هڻي چيو،
"ٻر دادي مان نه لڳي ويس نه."

داديءَ ٻيڙيءَ مـان ڦوڪ ڀري چيو، "ڇٽري ٿي
وڃي رفوچڪر... ڪو هڪ ٻه هزار ٿورو ٿي ڦريا اٿس،
پورا ويهه هزار ڪٽي ڀڳي آهي. موڪي ته اميد ٿي
ڪانهي ته ٻه هزار ڪي موٽي ملندم."

رتنا ٽڙقي چيو، "نه دادي ائين نه چئو. مان ته
اهترو نقصان سهي ڪا نه سگهنديس. ڀڙڻ ٻڌايو ته هين
سڀ جو ڳڌجي سندس گهر وڃون ته ڇا ٿيا نين؟"

داديءَ ڦلڪ سان ٻيڙي اڏش ٿري ۾ وساڻي چيو،
"هون! ڀڙڻ ڇتري گهر ۾ ملي ٻه نه؟"

رتنا داديءَ جي ٻانهن پڪڙي چيو، "نه شهر ٿي
ڇڏي وئي آهي؟"

شيلا چيو، "نه نه ڇا ڪندي. هتي رهي جيل ۾
ويندي؟"

هي ٻڌي نه رتنا جي منهن جو پنو ٿي لهي ويو.
ٻئي همت ڪٽي ڇيائين، "منهنجي نه ڪا پت پوندس.
الا! ڪپڙا نه کهڙا پائيندي هئي! نمي نٿون وڃو،

منهنجا زيور، منهنجا بوٽ، منهنجا رومال! مان نه سمجهندي هئس ته ڪا لڪاپڻ آهي."

دادي ٻاڻ کي لوڏو ڏيئي چيو، "بس ٻابا هاڻ سکڻي لوڏ گهڻي. هاڻي سبق سکي ڇڏ. جن کي اڇا ٻاهرين اَيام گهڻي ڏسين، انهن لاءِ سمجهي وڃ ته هڙ ۾ هرڙون ڪوڏ ۾ ٻتاشا اٿن."

"پر دادي هاڻي ڇا ٿيندو؟" رلنا هاڻي رئڻ هارڪي اچي ٿي هئي. "منهنجو گهومڻ ته هاڻي موڪلي هئي ڪٿي ٻارني ۽ الله لاءِ ڪڏهن موڪل ٿي ڪونه ڏيندو." دادي چيو، "سو ڇا ٿيو؟ ڪهڙو اُپ ڪري پوندو؟ ٻاڻ گهر ۾ ويهي ٻارن جي سنڀال ڪندين."

"۽ نوڪر ۽ آيا کي لولي ڏيئي ننڊ ڪرائيندس ڇا؟ متا ڦوڪٽ جو پگهار ٿا کائين!" رلنا ليز ٿي وئي. پر دادي ڇڏڻ واري ڪانه هئس. چيائين، "اهو سون ٿي گهوڙيو جو ڪن ڇني. ڪڏي ڦٽا ڪر نوڪريانون."

ڪجھ ٿي ويٺل شيلا کان چرڪ نڪري ويو. چيائين، "دادي! توهين رلنا کي هيءَ صلاح ڪهڙي ٿا ڏيو. نوڪر ڪيئن ڪڏي ڇڏيا..."

دادي جي شيلا جي نماڻي سهڻي منهن طرف نظر وئي ته نوڏ گهٽجي ويس، پر ڏاڍي مٺي آواز سان چيائين "شيلو چوانءِ سچ، مرچ نه لڳندي. تون ته ٿي ٿي نوڪر رکيو ويٺي آهين، سو چڱو ڪونه ڪيو اٿيئي."

”دادي! ڇڱو ڇاڻا. ڀاڄائي گذاري وئي اڃا ئي ٻـار مون وٽ پلجن. ٻنهي جو ڄڻڪي اڃا ڪيڏو اٿم. مٿان آيو ويو مهمان مڙو نه مون وٽ آهي ئي آهي. هنڪي ٻه آهي بيماري نه اڄو ٻه سڄو ڏينهن رڌو ڪاڌو سوُپ گوشت سڀ الڳ ٿئي. مان ڪيئن اڪيلي ڪم ڪي پهچي سگهنديس.“

داديءَ آرام ڪرسيءَ تان اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر نه اُٿي سگهي، اُليٽي ويئي، شيلا کي اشاري ۾ پاڻ ڏي سڏي، چيائين، ”ڌيءُ تون آهين منهن ڪوڙي سو ويٺي ڳڻتا ٿيانئين. نه نه ڀاڄائن جا ٻار وڃي تنهنجي ماءُ سنڀالي يا ڀاڄائن جي ماءُ سنڀالي. تنهنجو گهوٽ اکهو، تون ڇو ايڏا ٻوج کڻي؟ مٿان موٽر جو خرچ به مڙس جي سر تي وڌو اٿيئي. ٽڪ پنڌ تي دڪان، رکي اٿيئي موٽر!“

رتنا ليزيءَ سان ٻنهي جي ٻڌوليئن کي ڏاڍيڙ سان آڱر ۾ ڦيرائيندي چيو، ”دادي نه الاجي ڇوڪي ڇـا ٿيئي. ماڻهو رمي ٻمي نه ڪري، تڙو تڪاءُ نه هجي، ڪل ڇرچو نه ڪري نه ٽائيم ڪيئن پاس ٿئي؟“

”ٽائيم پاس ڪرڻ جي سڪي ڇتري ٻـه لـه هئي ٽائيم پاس ڪرڻ ايندي هئي اـ، هڪي ٻين جا ٻارهن تي وڃائي ويئي ڇا؟“

رتنا هـاڻي وري نبزاري ڪئي، ”دادي! مـونکي

ٻڌايو ته ڇتريءَ جي مٿس ڪي ڳنڍيل، آهي ڪو آسرو ڏنو.“

”ڇري نه هجي.“ دادي شيلا طرف هامي لاءِ ڏسڻ لڳي. ”سمجهه ڪٿي اهي پئسا رهيا ۽ هارايا. هاڻي ڇڙيا ڇڳا ڪٿي ڪيس. ڇتريءَ جو مٿس خود وڃو روڻي، سو لوڪي ڇا حاصل ٿيندو. هاڻي اچي پڙ ڻاهي وهيو ته لٺون پتو ٿي ڏيکارياڻو جو ڏيرومت مڪو اٿم ولائت ڪان. اڇها مسز مپرهوري به مدت اڌ ۾ ڀڇائي وڃندي. ڪهت ۾ انن ڇٽين ڪي پاڻ سان وٺي ايندو. لٺين مونر جو رعب جو ڏيکارڻو اٿس...“ ڇولدي ڇولدي داديءَ ڀڇندي وڏي شاهي ٻولٽين مان پتو ڪڍيو ته شيلا وٺي ڏسڻ لڳي ۽ ڪلندي ڪلندي لٺون پتو رلدا اڳيان وڌائي چيائين ”هي ولائتي ڇورڻ جا لنگا ٻوز ته ڏس پتي مٿان...“

داديءَ پتو وٺندي چيو، ”لوڪي رڳو ڇورڻون رلون ڏسڻ ۾ آيون ۽ آهر ڪي ڏنڻ. مٿا ڪيٽن ڀينا آهن.“

شيلا جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. پتو وٺي چيائين، ”ٻر دادي! پتو آهي واهه جو، همت ۾ لڙڪي اٿين تو جهڙو رلمش.“

در تي کڙڪو ٿيو ته شيلا چيو، ”اڇهي اچي وڃون سهيٽي.“

مگر در ڪولڻ تي ڏٺائون ڇتريءَ جو پئيو پيتو آهي.

ٽيڻي ڇڏيون عجب مان ٻنهي کي ڏسڻ لڳيون. پڇيو جتي ٻاهر لاهي اچي پٽ تي ويهي، مٿو ٻڌي چوڻ لڳو ته چٽري ٻاهر چوٿين ماڙي تان ٽپو ڏيئي آپگهات ڪري ڇڏيو آهي، ۽ پوليس اچي لاش کڻي وئي آهي...

ٻلدا "ها" ڪري چانهه لئي همت رکي صوفا تي ڀرڪي پيئي. شيلا به سن ٿي اچي وئي. ڦاٽل اکين سان ٻنهي طرف ڏسندي رهي.

دادي چيو، "چوٿين ماڙي تان ٽپو ڏنائين!... بس سا ته شيءِ وئي هوندي خلاص ٿي..."

"ها امان! خلاص." پيءُ ٻڌي هٿن سان مٿو پٽڻ لڳو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڏاڍو جهجهڪندي ٻڌايائين ته ٽپو ڏيڻ کان اڳ چٽريءَ ۽ گهوٽس جي وچ ۾ ڏاڍو جهڳڙو لڳو هو. مڙس چيس مان ٽوڪي ويه هزار ڪوڙ پوري ڏيندس جن کان قرض وٺي الله جو ٽانءُ ڪيون انهيءَ اهي ٻلي ٽوڪي جيل ۾ وجهائين. هن به رڳو مڙس کي دٻ ڏيڻ لاءِ ٻالڪنيءَ تان ٽپو رکي چيو ته مان هتان ٽپو ڏيئي آپگهات ڪنديس ليڪن پير ترڪي ويس ته بس وڃي ٿي وڃو...

ٻنهي اچا ڳالهايو ٿي وئي ته مسز مهربوري به هار سينگار ڪيو، چٺن جڏهن سان گڏ عطر جي خوشبوءِ ڦهلائيندي اچي پهتي.

ڇٽريءَ جي ٽپي ڏيڻ جو ٻڌي سيٺيءَ جا طاق لڳي ويا.

ڪيترو وقت ڇٽريءَ جي ٽِڪا ٽپڻي ٽيندي رهي. پٺيون سيٺيءَ کي هٿ جوڙي نمسڪار ڪري هليو ويو. دادي‌ءَ جانو ٻري چيو، "ڇٽري آڳهاٽ ڪرڻ واري زال نه ڪانه هئي."

رلدا اُرڙ لي ڏک هڻي چيو، "هو لڪي نه جيٽري ٽپي ماري ويٺي." سندس اکين ۾ پاڻي ڀري آيو.

مسز ميرپوري ٻين کي وهڻ جو اشارو ڪري پاڻ به پنهنجو ڊبو جيڏو سرڻ کڻي سيٺيءَ لي چڙهي ويٺي. لکي ڳاڙهي لپسٽڪ وارا چپ ڪولياٺين لئي سيٺيءَ جو ڏيان وڃي مڃهس پيو. ڏاڍي ڏيرج سان چوڻ لڳي، "ويچاري ڇٽريءَ ڇٽرائي ته ڏاڍي ڪئي، پر ڦٻيس ڪانه. ڦريون ته سڀ شاهوڪار، شاهوڪا رزالون آئِس. آهي: نه رلدا ٻه گهڻت ڪانه پر مُڙس غصي وارو اٿس، تڏهن ٽي وڃهلي. ا نه هزار ٻه ڪڍهن لاءِ کهڙي وڏي ڳالهه آهي. سمجهيو رمي ۾ هارايو سين."

مسز ميرپوريءَ سان گڏ آيل نندايءِ پنهنجي زنجير کي آڱر تي وڙهيندي چيو، "اسان ڪڍهن جو اندر ٽوروٽي ڪولي ڏنو آهي. ڏسڻ ۾ ڪنڍي ڪير ڪيترو به شاهوڪار هجي نه به پاڻي به اجائي چو وڃي. هن لئه ويهه هزار ڦريا...."

مسز مرپوريءَ سان آيل ٻيءَ ساهيڙيءَ چيو، ”هينئر
هتي ايندي ايندي ڪنهن ٻڌايو ته اتهن ٻيٽن مان ڇگا
هزار ته سمنڊ لاٿيءَ، جوءِ کي ڪيڏي ! ڇڏڻ تي ٽمڪي
ڏيئي ڦريا هئا.“

اهو ٻڌي وڏيڪ ٽيڪا ٽپڻي ڪان ڇڻ ٻڌو اچي
ويو.

آخر داديءَ آئندي چيو، ”مٽلن کي ته سڀ معاف آهي،
شل جيئرن کي ڪا سمت اچي. هلو هلو هاڻي سڀ
ٻنهنجي ٻنهنجي گهر. هڪڙو ڏينهن جو ٿا ته ڪيڏو ٿو
ڪو مري ڪوله ويندئون.“